رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ

# شانِ فاروقِ اعظم

29-August-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شانِ فاروقِ اعظم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

اَمِيرُالمؤمنين حضرتِ سيدُنا عُمَر بن خطّاب رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا:

اِنَّ الدُّعَاءَ مَوْقُوْفٌ بَيْنَ السَّمَاءِ وَالْاَرْضِ لَا يَصْعَدُ مِنْهُ شَيْءٌ حَتّٰى تُصَلِّيَ عَلٰى نَبِيِّكَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

يعني بيشڪ دُعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ روڪي ويندي آهي جيستائين توهان پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهو بلند ناهي ٿيندي.“

(ترمذي، ڪتاب الوتر، باب ما جاء في فضل الصلاة علي النبي...الخ، ٢/ ٢٨،حديث: ٤٨٦)

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سدا میں　　اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسلامي سال جي آخري مهيني ذُوالْحِجَّةِ الْحَرَام جا آخري ڏهاڙا آهن، جلد ئي مُحَرَّمُ الْحَرَام جو چنڊ چمڪي جڳ کي روشن ڪندو ۽ نئون اسلامي سال شروع ٿي ويندو. اسلامي سال جي پهرين مهيني مُحَرَّمُ الْحَرَام کي ڪيئي نسبتون حاصل آهن، جيئن هن مهيني ۾ حق ۽ باطل جو عظيم معرڪو ”ڪربلا“ پيش آيو، انهيءَ مهيني ۾ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مدد

فرمائي وئي ۽ فرعون ۽ ان جا پيروڪار هلاڪ ٿيا. **انهيء مهيني** ۾ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻيڙي ”جُودي جبل“ تي بيٺي. **انهيء مهيني** ۾ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام کي مڇي جي پيٽ مان نجات ملي. **انهيء مهيني** ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي توبہ قبول ٿي. (عمدة القاري ،کتاب الصوم، تحت الباب صيام يوم عاشوراء،٢٣٣/٨ملخصاً ) ان کان علاوه ٻيون بہ ڪوڙ نسبتون آهن پر ان جي پهرين تاريخ کي اَمِيرُالمؤمنين، مُسلمانن جي عظيم خليفي، حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه سان بہ نسبت آهي جو انهيء ڏينهن سندن شهادت ٿي. انهيء مناسبت سان اڄ اسان حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي شان بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. الله ڪري تہ اسان پورو بيان سٺين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو! سڀ کان پهريان هڪ حڪايت ٻڌون ٿا:

## حق ۽ صداقت جي امين جو جنتي محل

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب **”فيضانِ فاروقِ اعظم“** جلد 2 جي صفحي 169 تي آهي: اَمِيرُالمؤمنين حَضرت علي المرتضي شير خدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيم کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ٻڌايو تہ معراج واري رات اوهان جنت ۾ ڇا ڇا ڏٺو؟ ٻنهي جهانن جي سردار آقا، معراج واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اي عمر بن خطاب! جيڪڏهن مان توهان جي وچ ۾ ايترو عرصو رهان جيترو عرصو حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم ۾ (هڪ هزار سال تائين) رهيا ۽ پوءِ مان توهان کي اهي جنّتي واقعا ۽ مشاهدا ٻڌايان تڏهن بہ اهي ختم نہ ٿين. پر اي عمر! جڏهن اوهان مون کي اهو چيو ئي آهي تہ مون کي جنت جون ڳالهيون ٻڌايو تہ پوءِ مان اوهان کي اها ڳالهہ ٻڌايان ٿو جو مون توکان علاوه ڪنهن کي نہ ٻڌائي آهي. (۽ اها هي آهي تہ) مون جنت ۾ هڪ اهڙو عاليشان محل ڏٺو جنهن

جي چائنٺ جنّتي زمين جي هيٺ هئي ۽ ان جو مٿي وارو حصو عرش جي وچ ۾ هو. مون حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇا ڪئي: اي جبريل! ڇا توهان ان عاليشان محل جي باري ۾ ڄاڻو ٿا جنهن جي چائنٺ جنّتي زمين جي هيٺ ۽ مٿيون حصو عرش جي وچ ۾ هو.؟ تہ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي ناهي خبر. مون ٻيهر پڇا ڪئي: اي جبريل! ان محل جي روشني (Light) تہ اهڙي آهي جيئن دنيا ۾ سج جي روشني، ڀلا اهو ٻڌايو تہ ان تائين ڪير پهچندو ۽ ان ۾ ڪير رهائش اختيار ڪندو؟ تہ حضرت جبريل امين عرض ڪيو: يَسْكُنُهَا وَ يَصِيرُ اِلَيهَا مَنْ يَقُوْلُ الْحَقَّ وَيَهْدِى اِلَى الْحَقِّ وَاِذَا قِيلَ لَه الْحَقُّ لَمْ يَغْضِبْ وَمَاتَ عَلَى الْحَقِّ يعني يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هن محل ۾ اهو رهندو جيڪو صرف حق ڳالهہ چوي ٿو ۽ حق ڳالهہ جي هدايت ڏئي ٿو ۽ جڏهن ان کي ڪو حق ڳالهہ چوندو آهي تہ هو غُصّو ناهي ڪندو ۽ ان جو حق تي ئي انتقال ٿيندو. مون پڇا ڪئي: اي جبريل! ڇا توهان کي ان جو نالو معلوم آهي؟ عرض ڪيائين: جي ها! يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو هڪ ئي شخص تہ آهي. مون پڇا ڪئي: اي جبريل! اهو هڪ ڪير آهي؟ عرض ڪيائين: عمر بن خطاب. اهو ٻڌي اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي رِقّت طاري ٿي وئي ۽ پاڻ بي هوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا. حضرت عبدالله بن حسن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: "هن واقعي کان پوءِ اسان فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي چهري تي ڪڏهن کل نہ ڏٺي، ايستائين جو پاڻ دنيا مان تشريف کڻي ويا. (کنز العمال ،کتاب الفضائل ، باب فضائل صحابه ،فضل الفاروق، ۶/۲۶۴، حديث:۳۵۸۴۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو شان تمام نرالو آهي، سندن جو شان اهو آهي تہ نوري ملائڪن جا سردار، حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام بہ کين جو شان بيان ڪندي نظر اچن ٿا، پر ان سان گڏوگڏ هتي سکڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجون

فضيلتون ٻڌي بہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ **عاجزي ۽ اِنڪساري** جا پيڪر رهيا ۽ ڏسڻ وارن اهو بہ ڏٺو تہ هن واقعي ڪان پوءِ سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ **جي چهري تي ڪڏهن کل نہ ڏٺي**، ايستائين جو پاڻ دنيا مان تشريف کڻي ويا. **اي ڪاش!** سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ جي صدقي اسان کي بہ حقيقي **عاجزي ۽ اِنڪساري** نصيب ٿي وڃي.

هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر هئا، اچو! سندن عاجزي ڀريو هڪ ٻيو ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## اوچتو ٻہ (2) شينهن سامهون آيا

مَنقُول آهي تہ روم جي بادشاهہ جو موڪليل هڪ عجمي شخص مَدِينَۃُ الْمُنَوَّرَہ آيو ۽ ماڻهن کان حضرت سَيِدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ جو پتو پُڇيائين، ماڻهن ٻڌايو تہ اُهي منجهند جو شهر کان ڪجھ پري کجور جي باغن ۾ آرام ڪندي اوهان کي ملندا، اهو عجمي شخص ڳولا ڪندي سندن رَضِیَ اللہ عَنْہ وٽ پهتو ۽ اِهو ڏٺائين تہ پاڻ پنهنجي چمڙي جو دُرَّو پنهنجي مٿي هيٺان رکي زمين تي پڪي ننڊ ستا پيا آهن. عجمي شخص اِن ارادي سان تلوار کي مياڻ مان ڪڍي اڳتي وڌيو تہ اَمِيرُ المؤمنين رَضِیَ اللہ عَنْہ کي قتل ڪري ڀڄي وڃي، پر اهو جيئن ئي اڳتي وڌيو، اوچتو ان ڏٺو تہ ٻہ (2) شينهن وات ڦاڙي، ان تي حملو ڪرڻ وارا آهن. اهو خوفناڪ منظر ڏسي اهو خوف ۽ ڊپ سبب رڙيون ڪرڻ لڳو، جنهن سبب اَمِيرُالمؤمنين رَضِیَ اللہ عَنْہ جاڳي پيا ۽ ڏٺائون تہ عجمي شخص اُگهاڙي تلوار هٿ ۾ کڻي نهايت ڏکي رهيو آهي. سندن ان جي رڙ ۽ دَهشَت جو سبب معلوم ڪيو تہ ان سَچ سَچ سمورو واقِعو بيان ڪري ڇڏيو پوءِ ان بلند آواز سان ڪلمو پڙهي اِسلام قبول ڪري ورتو ۽ اَمِيرُالمؤمنين رَضِیَ اللہ عَنْہ ان سان نهايت ئي شَفقَت ڀريو ورتاءُ ڪري ان جي قُصُور کي مُعاف ڪري ڇڏيو. (ازالۃ الخفاء،فصل رابع، ۱۰۹/۴)

خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا

خدا ان کا محمد مصطفٰے فاروقِ اعظم کا
کرم اللہ کا ہر دم نبی کی مجھ پہ رحمت ہے
مجھے ہے دوجہاں میں آسرا فاروقِ اعظم کا
رہے تیری عطا سے یاخدا! تیری عنایت سے
ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروقِ اعظم کا

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۵۲۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** غور ڪريو ته حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اَمِيرُالمؤمنين هئا، ساڍا ٻاويهه لک چورس ميل تي اڪيلا حڪمران هئا، هزارن جي تعداد تي مشتمل فوج جا ڪمانڊر ۽ لکين ڪروڙين ماڻهو ڪين جي ماتحت هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جيڪڏهن چاهن ها ته عالي شان مَحل نهرائن ها، انهن محلن ۾ هر طرح جي سهولتن (Facilities) جو انتظام ڪن ها، انهن محلن ۾ دنيا جهان جي سجاوٽ گڏ ڪن ها، انهن محلن ۾ دل فريب ساوڪ ڪن ها، وڏا وڏا باغ تعمير ڪن ها، خوبصورت پکي ۽ دلڪش جانور گڏ ڪن ها، صاف پاڻي جا عاليشان حوض نهرائن ها، نوڪرن ۽ غلامن جي اچ وڃ هجي ها، انهن محلن ۾ عاليشان ڪمرا نهرائي انهن ۾ ريشم جا قالين ۽ پردا لڳرائن ها، آرام ڪرڻ لاءِ آرام ده بستر رکن ها، مطلب ته جيڪڏهن حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ چاهين ها ته عيش ۽ عشرت سان ڀرپور زندگي گذارين ها، پر پاڻ اهڙو ڪجهه نه ڪيائون بلڪ حال اهو هو جو پاڻ زمين تي ئي آرام فرمائي رهيا آهن. ٿورو غورڪريو! هڪ پاسي ته مسلمانن جو ٻيو خليفو فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهي جيڪي سمورين سهولتن کي ٺڪرائي عاجزي جو پيڪر بڻجي رهيا ۽ ٻي پاسي اسان آهيون جو دولت ۽ دُنياوي مرتبي ۽ منصب جي نشي ۾ مدهوش ٿي خبر ناهي ڇو غُرور ۽ تڪبُّر ۾ مبتلا ٿيندا پيا وڃون.

اسان مان هڪ تعداد آهي جن کي ڪو منصب ملي وڃي، ڪو وڏو عهدو ملي وڃي تہ مغرور ٿي ويندا آهن، ڪجھ تہ مَعَاذَاللّٰه ٻين کي حقير سمجھندا آهن ۽ انهن جي آڪڙ ختم ئي ناهي ٿيندي.

جڏهن تہ جيڪي دُنياوي مال ۽ دولت ۽ شهرت جا مالڪ آهن انهن کي تہ وڌيڪ اِحتياط جي حاجت آهي تہ ڪٿي اهي دُنياوي نعمتون انهن کي تڪبُّر جي آفت ۾ مبُتلا ڪري الله پاڪ جي ناراضگي جو سبب نہ بڻجي وڃن، تڪبُّر اهڙي بُري صفت آهي جو جنهن جي ڪري انسان دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ۽ رُسوا ٿي ويندو آهي جيئن نبي مُڪرَّم، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظّم آهي: ”جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري، **الله** پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو، اهو پاڻ کي ڪمزور سمجھندو پر ماڻهن جي نظرن ۾ عظيم هوندو ۽ جيڪو تڪبر ڪري **الله** پاڪ ان کي ذليل ڪري ڇڏيندو، اهو ماڻهن جي نظرن ۾ ڪمتر هوندو پر پاڻ کي بهتر سمجھندو هوندو ايستائين جو اهو ماڻهن وٽ ڪُتي ۽ خنزير کان بہ بدتر ٿي ويندو آهي. (ڪنزالعمال ڪتاب الاخلاق ، قسم الاقوال، ۲/۵۰، حديث:۵۷۳۴)

هڪ ٻي هنڌ تي آقا ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي جيترو بہ ايمان هوندو، اهو جهنّم ۾ داخل نہ ٿيندو ۽ جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي جيترو تڪبّر هوندو اهو جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو." (مسلم، ڪتاب الايمان،باب تحريم الڪبر وبيانه ،ص۶۱، حديث:۱۴۸)

## تڪبُّر جون نشانيون ۽ نقصان:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تڪبر اهڙو مُهلِڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ وارو) باطني مرض آهي جيڪو پاڻ سان گڏ ٻين ڪيترين ئي برائين کي آڻيندو آهي ۽ ڪيترين ئي چڱائين کان انسان کي محروم ڪندو آهي. حُجَّةُ الِاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: مغرور شخص جيڪو ڪجھ پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ پسند ناهي ڪري

سگهندو، اهڙو شخص عاجزيءَ تي بہ قادر ناهي هوندو، جيڪا تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي پاڙ آهي، ڪينو (يعني دل ۾ لڪيل دُشمني) بہ نٽو ڇڏي سگهي، پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان ڪوڙي عزت جي ڪري غصو ناهي ڇڏي سگهندو، حسد کان ناهي بچي سگهندو، ڪنهن جي خير خواهي ناهي ڪري سگهندو، ٻين جي نصيحت قبول ڪرڻ کان محروم رهندو آهي، ماڻهن جي غيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي مطلب تہ متڪبر ماڻهو پنهنجو ڀرم رکڻ جي لاءِ هر برائي ڪرڻ تي مجبور ۽ هر سٺي ڪم ڪرڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي.“ (احياء العلوم، ج٣ ،ص ٤٢٣) وڌيڪ فرمائن ٿا: تڪبُّر جو اظهار ڪڏهن تہ انسان جي عادتن ۽ طور طريقن سان ٿيندو آهي جيئن ناراض ٿيڻ، بيزار ٿيڻ، نرڙ تي گهنج هڻڻ، مٿي کي هڪ طرف جهڪائڻ، چنگهہ تي چنگهہ رکي ويهڻ، ٽيڪ لڳائي ڪائڻ، آڪڙجي هلڻ وغيره ۽ ڪڏهن ڳالهائڻ سان مثلاً هي چوڻ: ”(تون منهنجي سامهون ڪجهہ بہ نہ آهين) تنهنجي اها هِمّت جو مون کي جواب ٿو ڏئين“ وغيره وغيره. مطلب تہ مختلف حالن، ڳالهين ۽ ڪمن جي ذريعي تڪبّر جو اظهار ٿي سگهي ٿو. وري ڪِن مغرورن ۾ اظهار جا سڀ انداز ڏٺا ويندا آهن ۽ ڪِن مُتَڪَبِّرن ۾ ڪجهہ. پر ياد رهي تہ اهي سڀ ڳالهيون اُن وقت تڪبر جي دائري ۾ اينديون، جڏهن تہ دل ۾ تڪبر موجود هجي، فقط انهن شين کي تڪبر نٿو چئي سگهجي. (ماخوذ از احياء العلوم ، ٣/٤٣٤)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رهي تہ ”تڪبُّر“ جي ضروري معلومات ۽ ان مهلڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ واري) مرض کان بچڻ جي طريقن کي ڄاڻڻ بہ فرض آهي ۽ هاڻي اسان ٻڌو تہ تڪبُّر ڪيتري قدر هلاڪت ڪندڙ بيماري آهي جو جنهن بدنصيب کي اها بيماري لڳي وڃي ان کي تباهي ۽ بربادي جي ڏاکڻ تي بيهاريندي آهي ۽ نيٺ ان کي جهنم جو حقدار بڻائيندي آهي، تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اسان پنهنجي ڪمزور بدن تي رحم ڪريون ۽ جهنم جي تباهہ ڪارين کان پنهنجو پاڻ کي ڊيڄاريون، جڏهن بہ نفس ۽ شيطان ڪنهن مسلمان کي حقير سمجهي ۽ غرور ۽ تڪبُّر جو مظاهرو ڪرڻ

تي اُپارين تہ انسان کي پنهنجي ماضي، پنهنجي اوقات ۽ الله پاڪ جي عطائن تي غور ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ اسان سڀني کي عاجزي اختيار ڪرڻ ۽ تڪبُّر کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِينْ بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِینْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا
یا ربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۷۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پهرين حڪايت ۾ اسان پڙهو تہ حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جو وصف اهو بيان فرمايو هو تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه حق ڳالهہ ڪن ٿا، حق جي طرف هدايت ڏين ٿا ۽ حق سان ئي ان دنيا کان تشريف ڪٽي ويا، واقعي اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جو شان اهو هو تہ سندن جي زبان مان حق ئي نڪرندو هو، پاڻ حق ئي جي طرف هدايت ڏيندا هئا ۽ حق سان گڏ ئي هن دنيا مان تشريف ڪٽي ويا، ان کان وڌيڪ سندن جي حق فرمائڻ جو ٻيو ڇا دليل ٿي سگهي ٿو جو ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جنهن باري ۾ ڪجهہ فرمائيندا ها تہ قرآنِ پاڪ جون آيتون انهيءَ مضمون سان گڏ نازل ٿينديون هيون جيڪو حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه جن فرمايو هوندو هو.

حضرت مجاهد رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، فرمائن ٿا: كَانَ عُمَرُ يَرَى الرَّاْيَ فَيَنْزِلُ بِهِ الْقُرْآنُ يعني اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جڏهن ڪا راءِ (Opinion) پيش فرمائندا ها تہ ان جي مطابق قرآنِ پاڪ جي آيت نازل ٿي ويندي هئي.
( تاريخ الخلفاء، ص۹۶، الصواعق المحرقة، ص۹۹)

جڏهن تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جا صاحبزاده

حضرت عبدُاللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ: جڏهن ڪنهن معاملي ۾ مختلف صحابہَ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان کان راءِ طلب ڪئي ويندي هئي ۽ گڏوگڏ منهنجا والدِ گرامي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ بہ پنهنجي راءِ پيش ڪندا ها تہ قرآنِ ڪريم سندن راءِ جي مطابق نازل ٿيندو هو. (فضائل الصحابة،و من فضائل عمر بن الخطاب،۱ /۴۱۵، حديث:۴۸۸، تاريخ الخلفاء، ص۹۶)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ جون ڪم و بيش ويهہ (20) آيتون اهڙيون آهن جيڪي اَمِيرُالمؤمنين حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي قول يا فعل جي موافقت (Conformity) ۾ نازل ٿيون. اچو! اهڙيون ئي ڪجهہ آيت سڳوريون ۽ انهن جو شانِ نزول ٻڌون ٿا:

## پهرين آيتِ مبارڪ مقامِ ابراهيم بابت

حديث جي مشهور ڪتاب **بخاري شريف** ۾ حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کان روايت آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جن ارشاد فرمايو تہ ٽن ڳالهين ۾ ربّ ڪريم جي طرفان منهنجي موافقت ٿي (انهن مان هڪ اها بہ آهي تہ) مون بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: لَوِ اتَّخَذْنَا مِنْ مَّقَامِ اِبْرَاهِيمَ مُصَلًّى يعني يارَسُولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! جيڪڏهن اسان مقامِ ابراهيم کي مُصَلّٰي (يعني نماز پڙهڻ جو هنڌ) بڻايون (تہ ڪيئن رهندو؟) تہ اللّٰه پاڪ اها ئي آيت سڳوري منهنجي تائيد ۾ نازل فرمائي مقامِ ابراهيم کي مُصَلّٰي بنائڻ جو حڪم ارشاد فرمائي ڇڏيو: ﴿وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرَاهِيمَ مُصَلًّى﴾ (پ۱، البقرة:۱۲۵) ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مقرر ڪري وٺو. (بخاري، ڪتاب الصلوة، باب ما جاء في القبلة---الخ، ۱/۱۵۸، حديث:۴۰۲ ملتقطا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ صحابہ ۽ **اهل بيت**! هاڻي اسان ٻڌو تہ **مقامِ ابراهيم** کي نماز پڙهڻ جي جڳهہ بنائڻ جو مشورو اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم جو

هو، سندن موافقت ۾ قرآنِ پاڪ جي آيت نازل ٿي، جنهن ۾ مقامِ ابراهيم کي مصلّٰي (يعني نماز جو مقام) بنائڻ جو حڪم موجود هو. **مقامِ ابراهيم ڇا آهي؟** ڪٿان آيو، اچو! هن باري ۾ ٻڌون ٿا:

## مقامِ ابراهيم ڇا آهي؟

**مقامِ ابراهيم** اهو مبارڪ پٿر آهي جنهن تي چڙهي اللّٰه پاڪ جي پياري رسول، حضرت ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪعبة اللّٰه شريف جون ديوارون بلند ڪيون هيون، پاڻ عَلَیہِ السَّلَام جيئن ئي ان تي پنهنجا قدم رکيا تہ خاص اهو حصو ربّ ڪريم جي قدرتِ ڪامله سان مٽي جيان نرم (Soft) ٿي ويو ۽ سندن جي قدمن جو نقش ان ۾ ثبت (ظاهر) ٿي ويو جڏهن تہ باقي حصو ساڳيو ئي رهيو. اهو ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو نهايت ئي عظيم معجزو هو.

حضرتِ عبدُاللّٰه بن عمرو رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما فرمائن ٿا تہ مون خَاتَمُ الْمُرسَلِين، رَحمَة لِّلعٰلَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: رڪن (حَجرِاسود) ۽ مقامِ ابراهيم جنّت جي ياقُوتُن مان ٻہ ياقُوت آهن، جيڪڏهن اللّٰه پاڪ انهن ٻنهي جو نُور نہ مٽائي ها تہ اهي اوڀر ۽ اولهہ جي هر شيء روشن ڪن ها. (ترمذي ، ڪتاب الحج ، باب ماجاء في فضل الحجر۔۔۔ الخ ،۲۴۸/۲، حديث:۸۷۹)

**مقامِ ابراهيم** خانهٔ ڪعبہ کان تقريباً سوا 13 ميٽر اوڀر ڏانهن قائم آهي. هن پٿر ۾ هڪ قدم مبارڪ جي نشان جي گهرائي ڏهہ سينٽي ميٽر ۽ ٻي جي نو سينٽي ميٽر آهي، انهن پٿرن تي حضرت ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مبارڪ آڱرين (Fingers) جا نشان نہ آهن، ان جو سبب اهو آهي تہ شروعات ۾ اهي پٿر ڪنهن فريم يا بڪس وغيره ۾ محفوظ نہ هئا ۽ عاشق ان مان برڪتون وٺڻ جي لاءِ ان کي هٿ لائيندا ۽ چمندا هئا، انهيء سبب آڱرين جا نشان باقي نہ رهيا. هاڻي بہ اهو پٿر بَيتُ اللّٰه شريف جي عمارت سان لڳولڳ شيشي جي هڪ باڪس(Box) ۾ بند آهي، ان جي زيارت بہ ڪري سگهجي ٿي. اللّٰه پاڪ اسان کي بَيتُ اللّٰه شريف، مقامِ ابراهيم جي زيارت سميت مڪي مديني جي

بار بار باادب حاضري جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

حضرتِ علامہ مَولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه كعبي شريف جي پيارن پيارن نظارن کي ياد ڪندي فرمائن ٿا:

اَسود، باب و ميزاب و مقام و مُلتزم
اور غلافِ کعبہ کے رنگیں نظاروں کو سلام
مُستَجار و مُستَجاب و بیرِ زم زم اور مَطاف
اور حَطیمِ پاک کے دونوں کناروں کو سلام
جو مسلماں خانۂ کعبہ کا کرتے ہیں طواف
ان کو بھی اور سارے ہی سجدہ گُزاروں کو سلام
(وسائلِ بخشش مرمّم، ص۶۰۹ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي موافقت ۾ نازل ٿيڻ واري آيت سڳوريون ٻڌي رهيا هئاسين، اچو! هڪ ٻي آيتِ ڪريمہ جيڪا سندن جي راءِ جي موافق نازل ٿي ان جو شانِ نزول ۽ مزيد تفصيل ٻڌون ٿا:

## ٻي آيت سڳوري پردي جي حڪم بابت

حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بارگاھ رسالت ۾ عرض ڪيو: اِنَّ نِسَاءَكَ يَدْخُلُ عَلَيكَ الْبَرُّ وَالْفَاجِرُ فَلَوْاَمَرْتَ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِينَ بِالْحِجَابِ يارَسُوْلَ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوھان وٽ نيڪ ۽ بد هر قسم جا ماڻهو اچن ٿا، تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُمُّهاتُ المومنين (يعني مومنن جي مائرن) کي حجاب (پردي) ۾ رهڻ جو حڪم ڏين. پوءِ سندن جي

موافقت ۾ حجاب بابت اها آيت نازل ٿي:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِیُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَ بَنٰتِكَ وَ نِسَآءِ الْمُؤْمِنِیْنَ یُدْنِیْنَ عَلَیْهِنَّ مِنْ جَلَابِیْبِهِنَّؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ یُّعْرَفْنَ فَلَا یُؤْذَیْنَؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا (۵۹)

(پ۲۲،الاحزاب:۵۹)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي نبي پنهنجي بيبين ۽ صاحبزادين ۽ مسلمانن جي عورتن کي فرماءِ ته پنهنجي چادرن جو هڪ حصو پنهنجي منهن تي رکن هي وڌيڪ ويجهو آهي جو سندن سڃاڻپ ٿي جيئن تڪليف نه ڏنيون وڃن ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

(بخاري، ڪتاب التفسير، باب قوله لا تدخلوا۔۔۔الخ، ۳۰۴/۳، حديث:۴۷۹۰)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تفسير صراطُ الجِنان ۾ هن آيتِ ڪريمه تحت آهي: (هن آيت ۾ الله پاڪ) ارشاد فرمايو ته اي پيارا حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان پنهنجي اَزواجِ مُطَهرات، پنهنجي صاحبزادين ۽ مسلمانن جي عورتن کي فرمايو ته جڏهن انهن کي ڪنهن حاجت جي لاءِ گهران ٻاهر نڪرڻو پوي ته هو پنهنجي چادرن جو هڪ حصو پنهنجي چهري تي رکن. (صراط الجنان، ۹۴/۸)

## پردوءِ خواتين

اي عاشقانِ رسول! هن آيتِ سڳوري ۾ سيني مسلمان عورتن کي حڪم ڏنو پيو وڃي ته جڏهن به ٻاهر نڪرن ته حجاب (پردو) ڪري ۽ چڱي طرح جسم ڍڪي ٻاهر نڪرن. پر افسوس! اڄ غيرن جي طرفان ملنڊڙ بي شرمي ۽ بي حيائي سان ڀرپور انڌي تهذيب معاشري ۾ قائم شرم ۽ حيا جي چادر کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندي نظر اچي رهي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه اسان جي دينِ اسلام کي اهو اعزاز (Honour) حاصل آهي ته ان پاڪيزه معاشري جي قيام جي لاءِ اسان کي سنهري اُصول عطا ڪيا آهن. اهي شيون جيڪي معاشري ۾ شرم و حيا کي عام ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهن، اسان جي دين انهن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ به انتهائي احسن ۽ پياري تعليمات عطا

ڪئي آهي. جنسي جذبات کي وڌائڻ واريون تحريرون ۽ بي حيائي، پاڪيزه معاشري جي لاءِ زهرِ قاتل جي حيثيت رکن ٿيون، دينِ اسلام جتي انهن شين کي ختم ڪرڻ تي زور ڏنو آهي، اتي انهن سببن کي ختم ڪرڻ ڏانهن به توجہ ڪئي جن سان فحاشي، عُرياني ۽ بي حيائي پکڙجي سگهي ٿي. اهو ئي سبب جو قرآنِ ڪريم ۾ الله پاڪ عورتن کي اهو حڪم ارشاد فرمايو آهي ته هو پنهنجي گهرن ۾ رڪيون رهن ۽ شرعي ضرورت ۽ حاجت جي بنا پنهنجي گهران ٻاهر نہ نڪرن. پردي جي هن حڪم تي ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهم ڪهڙو عمل ڪيو، اچو! ان جا ڪجھ مثال پڙهون ٿا.

(1) رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي گهرواري حضرت سوده رَضِيَ اللهُ عَنْها هڪ حج ۽ عمرو ڪيو هو، ان جي علاوه حج ۽ عمره نہ ڪنديون هيون ۽ ان جو سبب اهو ٻڌائينديون هيون: مون حج بہ ڪيو آهي ۽ عمرو بہ ڪيو آهي ۽ الله پاڪ مون کي حڪم ڏنو آهي تہ مان گهر ۾ رهان. الله پاڪ جو قسم! مان ٻيهر گهران ٻاهر نہ نڪرنديس. راوي جو بيان آهي تہ الله پاڪ جو قسم! هو پنهنجي دروازي کان ٻاهر نہ نڪتيون ايستائين جو سندن جنازو ئي ٻاهر ڪڍيو ويو. (در منثور، الاحزاب، تحت الآية: ٣٣، ٥٩٩/٦-٦٠٠)

(2) حضرت بي بي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْها فرمائن ٿيون: اسان ازواجِ مطهرات (حج جي سفر ۾) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ احرام جي حالت ۾ هيوسين، جڏهن سوار اسان جي سامهون کان گذرڻ لڳندا ها تہ اسان مان هر هڪ پنهنجي چادر کي پنهنجي مٿي کان لٽڪائي چهري جي سامهون ڪنديون هيوسين ۽ جڏهن هو اڳتي وڌي ويندا ها تہ اسان چهرو کولي ڇڏينديون هيوسين. (ابو داؤد، كتاب المناسک، باب في المحرمة تغطي وجهها، ٢٤١/٢،حديث: ١٨٣٣)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ازواجِ مطهرات جي پردي جو اهو حال هو جڏهن تہ اسان جي خواتين جي پردي جي حالت ڪنهن سان لڪيل نہ آهي، الله پاڪ اسان جي عورتن کي هدايت ۽ عقلِ سليم عطا فرمائي ۽ پنهنجي بگڙيل حالت سُڌارڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ سنّتن تي عمل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪن جي نقشِ قدم تي هلڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي، اوهان بہ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃو.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار مدني مذاڪرو“

ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني مذاڪرو“ بہ آهي. هن مدني ڪم جا بي شُمار ديني ۽ دُنيوي فائدا آهن، ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذِهن ملندو آهي. ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي. ❖ **مدني مذاڪري** جي برڪت سان شرم و حيا جهڙي نيڪ ۽ چڱي خصلت ڪي نڪارڻ جو ذهن بڻجند آهي. ❖ **مدني مذاڪري** جي برڪت سان سنتن تي عمل جو ذهن ملندو آهي. ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان دِيني معلومات (Islamic knowledge) سان گڏ اَخلاقي تربيت بہ نصيب ٿيندي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن مدني ڪم جي برڪت سان بيشُمار ماڻهو گناهن ڀري زندگي ڇڏي نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويا.

بعض اسلامي ڀائر مدني مذاڪري ۾ شرڪت کان ان ڪري سستي ڪن ٿا جو رات جو گهڻي دير تي ويندي آهي جنهن جي ڪري ننڊ پوري ناهي ٿيندي. سوچڻ گهرجي تہ دنيوي محفلون هجن ۽ رات دير تائين جاري رهن، تڏهن اتي هن طرح جا وسوسا نٿا اچن. رات دير تائين شادين ۾ بہ تہ شرڪت ڪئي ويندي آهي. رات دير تائين مختلف دعوتن ۾ بہ تہ شرڪت ڪئي ويندي آهي. رات دير تائين پنهنجا ذاتي ڪم بہ تہ ڪيا ويندا آهن، رات دير تائين سوشل ميڊيا (Social Media) جو بہ تہ استعمال ڪيو ويندو آهي، رات دير تائين ٻيا بہ مختلف ڪم ڪيا ويندا آهن. جڏهن اهڙن ڪمن جي لاءِ وقت ڪڍيو ويندو آهي

تہ علمِ دين سکڻ جي لاءِ بہ ضرور وقت کڍڻ گهرجي، جيڪڏهن علمِ دين سکڻ جي لاءِ گهٽو وقت بہ ڏيٹو پوي تہ پويان نہ هٽڻ گهرجي. اسان جي بزرگن جو ڪهڙو معمول هو؟ اچو ٻڌون ٿا:

هڪ ڀيري حضرتِ ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عشا نماز کان پوءِ اَمِيرُ الْمُومِنِين حضرتِ عُمَر فَارُوقِ اَعْظَم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي خِدمَت ۾ حاضِر ٿيا تہ پڇا ڪيائون: مَا جَآءَ بِكَ؟ ڪيئن اچڻ ٿيو؟ عَرض ڪيائون: ڪجھ ضروري ڪم هو. اِرشَاد فرمايائون: هن وَقت؟ عَرض ڪيائين: حُضُور! اهو ڪم شرعي مسئلا سکڻ سيکارڻ بابت آهي. اِرشَاد فرمايائون: ائين آهي تہ اچو! ان کان پوءِ ٻئي رات دير تائين عِلمي مذاڪري ۾ مَصرُوف رهيا، پوءِ جڏهن (تقريباً سحري جي وَقت)حضرت سَيدُنا ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ وڃڻ جي اِجازَت گهري تہ حضرت فَارُوقِ اَعْظَم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمايو: ويهي رهو! ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ عَرض ڪيائين: (نمازِ فَجر جو وَقت ٿيڻ وارو آهي، ان کان پهريان پهريان) مان چاهيان ٿو تہ ڪجھ نفل ادا ڪري وٺان. اِرشَاد فرمايائون: اسان نَماز ئي ۾ آهيون (جو گهڙي کن ديني مسئلن جون ڳالهيون ڪرڻ سڄي رات جي عِبَادَت کان بهتر آهي). پوءِ هو ويهي رهيا ۽ ٻئي حضرات ٻيهر شَرعِي مَسَئلن جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا ايستائين جو فَجر جو وَقت ٿي ويو. (شرح صحيح بخاري لابن بطال، کتاب العلم، باب السمر في العلم، ١/ ١٩٢ مفهوما)

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت! صحابَہ ڪرام جو علمِ دِين سکڻ جو جذبو مرحبا! اسان کي بہ پنهنجي اندر علمِ دين سکڻ جي تڙپ پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم **مدني مذاڪرو** علمِ دِين سکڻ جو بهترين ذريعو آهي لهٰذا هن ۾ بہ پابندي سان شرڪت جي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي.

هن مدني ڪم "هفتيوار مدني مذاڪره" جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي 72 صفحن تي مشتمل رسالي "هفتيوار مدني مذاڪره" جو مطالعو

ڪريو. تمام ذمہ دارانِ دعوتِ اسلامي تہ هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن، اهو رسالو مڪتبة المدينہ تي دستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami .net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

هن رسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي ❖ مدني مذاڪري جي اهميت ❖ اجتماعي مدني مذاڪري ۾ شرڪت جا طريقا ❖ مدني مذاڪري جي باري ۾ اميرِ اهلسنت جا مدني گل ❖ مدني مذاڪري جي باري ۾ مرڪزي مجلس شوري جا مدني گل ❖ مدني مذاڪري جا 26 مدني گل ❖ مدني مذاڪري جون شرعي ۽ تنظيمي احتياطون وغيره.

اچو! تَرغِيب لاءِ هڪ مَدَني بَهار پڙهو ۽ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي نِيت ڪريو،

## مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت

**حيدر آباد** (سنڌ) جي علائقي قليلي جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي زندگي جا قيمتي ڏينهن غفلت ۾ گذري رهيا هئا جو خوش قسمتي سان هڪ پيرو ڪنهن مبلغ دعوتِ اسلامي سان ملاقات ٿي، دورانِ گفتگو انهن مون کان پڇيو: تہ ڇا اوهان اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا بيان ٻڌندا آهيو؟ مون چيو نہ تہ هو چوڻ لڳو تہ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: **جيڪو روزانو هڪ بيان ٻڌي ٿو، مان ان سان خوش ٿيندو آهيان.** انهن لفظن ان اسلامي ڀاءُ جي دل ۾ پنهنجي مرشدِ ڪريم سان لڪيل محبت کي جاڳائي وڌو پوءِ ان روزانو هڪ مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پُرتاثير گفتگو جي برڪت سان ڏينهون ڏينهن گناهن کان نفرت ۽ نيڪين سان محبت وڌڻ لڳي، اڃا ڪجهہ ئي مَدَني مذاڪرا ٻڌا هئا جو ان جي حُليي، ڪردار ۽ اَندازِ زِندگي ۾ تبديلي اچڻ لڳي، ان کي نہ رڳو سنتن تي عمل جو جذبو مليو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه هو مَدَني ڪمن ۾ بہ دلچسپي وٺڻ لڳو. الغرض هنن مَدَني مُذَاڪرن جي ذريعي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اهڙي مدني تربيت فرمائي جو 26

سالن جي زندگي ۾ ڪڏهن اهڙي تربيت نہ ٿي هئي.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر  گُناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ  گُناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پلا کر مَئے عشق دیگا بَنا یہ  تمہیں عاشِقِ مُصطَفٰے مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ گهڻيون خوبيون رکڻ وارا ها، کهڙو اهڙو نيڪ وصف آهي جيڪو سندن ذات ۾ نہ موجود هجي. ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ **خوفِ خدا** جا پيڪر ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ **حقيقي عبادت گذار** ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سڄي زندگي **زُهد و تقويٰ** سان ڀرپور هئي ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون اکيون اڪثر **خوفِ خدا** سان آليون رهنديون هيون ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻين کي بہ **تقويٰ و پرهيزگاري** جو درس ڏيندا ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهڙا **متقي** (يعني پرهيزگار) ها ۽ جيڪو سندن صحبت ۾ رهندو هو اهو بہ **متقي** بڻجي ويندو هو، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻين کان **خوفِ خدا** تي مشتمل ڳالهيون ٻڌندا ها. ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو معمول هو تہ ٻارن کان پنهنجي لاءِ بخشش جي دعا ڪرائيندا ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ هميشہ الله پاڪ جي **خفيہ تدبير** کان ڊڄندا رهندا ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ **عاجزي ۽ انڪساري** جا پيڪر ها. حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ دِين جي سربلندي جي لاءِ بي شمار خدمتون انجام ڏنيون هيون، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو دورِ خلافت اسلام جي **سنهري دور** ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو دَور **دِين داري ۽ عدل و انصاف** جو دور هو، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ **علم وحڪمت** جا چراغ ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ **اسلام جو فخر** (Proud) ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ هڪ **ناقابلِ فراموش شخصيت** ها، ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ هڪ **واعدو پارڻ واري شخصيت** ها. الله پاڪ اسان کي بہ سندن نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جون خصوصيتون ۽ خدمتون ايتريون آهن جن جو شمار نٿو ڪري سگهجي، ان بابت مزيد معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبةُ المدينہ جي ڪتاب ”**فيضانِ فاروق اعظم**“ جو مُطالَعو ڪرڻ اِنتهائي مُفيد آهي. اَلْحَمْدُلله! اهو عظيم ڪتاب 2 **جِلدن** ۾ شائع ٿي چڪو آهي، اڄ ئي هن ڪتاب کي مکتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

## فضائلِ عمر بزبانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَمِيرُالمؤمنين حَضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي عظمت ۽ شان جو هڪ پهلو اهو بہ آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ان خوش نصيب صحابہءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۾ شامل آهن، جن جي فضيلت ۽ شان تي ڪوڙ فَرامينِ رسول مَوجُود آهن. ان جي علاوه هڪ ڳالهہ اها بہ آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي بارگاهہ رسالت مان بيشمار اهڙيون فضيلتون عطا ٿيون جن ۾ ڪو بہ سندن جو شريڪ نہ آهي. اچو! اسان بہ انهن فضيلتن مان ڪجهہ پڙهون ٿا:

❖رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي پاڻ علم عطا فرمايو. (بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر۔۔۔الخ، ۲/۵۲۵، حدیث: ۳۶۸۱ملخصا) ❖ رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي دورِ خلافت جي قوت کي بيان فرمايو. (بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر۔۔۔الخ، ۲/۵۲۵، حدیث: ۳۶۸۲ ملخصا) ❖ رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ فرمايو تہ **شيطان عمر کي ڏسي پنهنجو رستو ئي تبديل ڪري ڇڏيندو آهي.** (بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر۔۔۔الخ، ۲/۵۲۶، حدیث: ۳۶۸۳) ❖ رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ فرمايو تہ اهي نبي نہ هئڻ جي باوجود **انبياء جيان گفتگو ڪرڻ وارا آهن.** (بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر۔۔۔الخ، ۲/۵۲۸، حدیث: ۳۶۸۹) ❖ رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي **قبولِ اسلام جي دعا فرمائي.** (ترمذی، کتاب المناقب، باب فی مناقب ابی حفص۔۔۔الخ، ۵/۳۸۳، حدیث: ۳۷۰۳) ❖ رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ فرمايو تہ انهن جي قبولِ

اسلام تي آسمان وارن پڻ خوشيون ملهايون. (ابن ماجه، كتاب السنة، فضل عمر، ۷۶/۱، حديث: ۱۰۳)
❖ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ فرمايو: جيڪڏهن منهنجي بعد ڪو نبي هجي ها ته عمر هجي ها. (ترمذی، كتاب المناقب، باب فی مناقب ابی حِفص---الخ، ۳۸۵/۵، حديث: ۳۷۰۶) ❖ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ فرمايو: مون کان پوءِ حق عمر سان گڏ هوندو هو جتي به هجن. (مسند بزار، عطاء بن ابی رباح---الخ، ۹۸/۶، حديث: ۲۱۵۴) ❖ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ فرمايائون: فاروقِ اعظم جي محبت ايمان جي ضمانت آهي. (كنزالعمال، كتاب الفضائل، فضل الشيخين---الخ، ۸/۷ ، حديث: ۳۶۱۱) ❖ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي جنت جي خوشخبري عطا فرمائي. (بخاری، كتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر---الخ، ۵۲۹/۲، حديث: ۳۶۹۳) ❖ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ فرمايو ته شيطان به ان کان خوف رکي ٿو. (ترمذی، كتاب المناقب، باب فی مناقب ابی حِفص---الخ، ص۳۸۷، حديث: ۳۷۱۱)
❖ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي باري ۾ فرمايو ته جنهن سان عمر ناراض ٿي وڃي ان کان الله پاڪ به ناراض ٿي ويندو آهي. (جمع الجوامع، ۸۳/۱،حديث۴۳۴)

وہ عُمر جس کے اَعدا پہ شَیدا سَقَر
اُس خدا دوست حضرت پہ لاکھوں سلام

مختصر وضاحت: اهو فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جن جي دُشمنن تي اها دوزخ عاشق آهي جيڪا انهن کي هڪدم هڙپ ڪري ويندي، اهڙي الله جي ولي تي اسان جي طرفان لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ تراجم!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي نقشِ قدم تي هلڻ نيڪين سان رشتو ڳنڍڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ

رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ هاڻي تائين 107 شُعبن جي ذريعي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ مسلمانن جي اصلاح جي ڪوشش ڪري رهي آهي، انهن شُعبن مان هڪ شعبو ”مجلسِ تَراجِم“ به آهي، جيڪو اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو مُختلف زَبانن ۾ تَرجمو ڪرڻ جي خِدمت سَر اَنجام ڏئي رهيو آهي تہ جيئن اُردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دُنيا جون ٻيون زبانون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيض ياب ٿي سگهن ۽ انهن جو بہ هي مدني ذِهن بڻجي وڃي تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه.

تمام ٿوري عرصي ۾ هينئر تائين ان مجلس تحت دُنيا جي مختلف زَبانن ۾ اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪيئي تَصنيفن ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو تَرجمو ٿي چُڪو آهي. اسان کي بہ کپي تہ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رَسالن جو پاڻ بہ مُطالَعو ڪيون ۽ پنهنجي دوستن عزيزن کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريون، ورهائڻ جو سلسلو بہ جاري رکون ۽ ٿي سگهي تہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي نيت سان تحفن ۾ ڪتاب ۽ رسالا ڏيندا رهون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوتصَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

ان کی سنّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

## مهمان نوازي جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! مهمان نوازي جون سُنتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان (3) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪريو. (1) جيڪو شخص (قدرت باوُجُود) مهمان نوازي نٿو ڪري ان ۾ ڀلائي ناهي. (مُسند احمد ،۶/ ۱۴۲،حديث: ۱۷۴۲۴) (2) انسان جي ڪم عقلي آهي ته هو پنهنجي مهمان کان خدمت وٺي. (اَلْجامِعُ الصَّغِير،ص۲۸۸،حديث :۴۶۸۶) (3)سنّت هي آهي ته انسان مهمان کي دروازي تائين رخصت ڪرڻ وڃي. ( ابن ماجه،۵۲/۴، حديث:۳۳۵۸) ❖ مهمان کي گهرجي ته پنهنجي ميزبان جي مصروفيتن جو لحاظ رکي. ❖ صَدرُالشّريعه حضرت مفتي محمد امجدعلي اعظميرَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مهمان لاءِ چار ڳالهيون ضَروري آهن: (۱) جتي ويهاريو وڃي اتي ويهي. (۲) جيڪو ڪجهه ان جي اڳيان پيش ڪيو وڃي ان تي خوش ٿئي، (ائين نه ٿئي جو چوڻ لڳي: ان کان سنو ته مان پنهنجي ئي گهر کاوان ٿو يا اهڙي قسم جا ٻيا لفظ). (۳) ميزبان کان اجازت وٺڻ بِغير اتان نه اٿي ۽ (۴) جڏهن اتان کان وڃي ته ان جي لاءِ دُعا ڪري. (عالمگيري،۳۴۴/۵) ❖ گهر يا کاڌي وغيره جي مُعامَلات ۾ ڪنهن قسم جي تنقيد نه ڪري، نه ئي ڪوڙي ساراهه. ميزبان به مهمان کي ڪوڙ جي خطري ۾ وجهندڙ سُوال نه ڪري مثال طور چوڻ اسان جو کاڌو ڪيئن هو؟ اوهان کي پسند آيو يا نه؟ اهڙن موقعن تي جيڪڏهن نه پسند هئڻ جي باوُجُود مِهمان مُرَوَّت ۾ کاڌي جي ڪوڙي تعريف ڪندو ته گنهگار ٿيندو. ان طرح جو سُوال به نه ڪري ته "اوهان پيٽ ڀري کاڌو يا نه؟" جوته اتي به جواب ۾ ڪوڙ جو انديشو آهي جوته گهٽ کائڻ جي عادت يا پرهيزي يا ڪنهن به مجبوري تحت گهٽ کائڻ جي باوُجُود اصرار ۽ تڪرار کان بچڻ جي لاءِ مِهمان کي چوڻ پئجي وڃي ته "مون گهڻو کاڌو آهي." ❖ ميزبان کي گهرجي ته مهمان کي وقت بوقت چوي ته "اجا کائو" پر ان تي اِصرار نه ڪري. (عالمگيري،۳۴۴/۵) ڪٿي اِصرار جي ڪري ايترو وڌيڪ نه کاڌو وڃي جو ان جي لاءِ نقصان ده هجي. ❖ ميزبان کي بالڪل خاموش نه رهڻ گهرجي ۽ اهو به نه ڪرڻ گهرجي ته کاڌو رکي غائب ٿي وڃي بلڪ اتي حاضر رهي. (عالمگيري،۳۴۵/۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين اور آداب**“ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ٻہ رسالا ”**101 مدني گل**“ ۽ ”**163 مدني گل**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ!آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو: ”**فيضانِ محرم الحرام**“ اسلامي سال جو آغازمحرّم الحرام جي بابرڪت مهيني سان ٿيندو آهي، ربّ ڪريم اسان کي اسلامي سال جي هن ڀهرين مهيني ۾ ئي اجروثواب حاصل ڪرڻ جا کوڙ موقعا عطا فرمايا آهن، انهيءِ مناسبت سان ايندڙ هفتي جي بيان ۾ اسان محرم الحرام جون فضيلتون، هن ۾ عبادت ڪرڻ جون برڪتون، روزا رکڻ، مسلمانن سان خيرخواهي ڪرڻ ۽ راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جي فضيلتن سان گڏوگڏ هن مقدّس مهيني ۾ بزرگن جي عبادت ڪرڻ جا واقعا ٻہ ٻڌنداسين، لهٰذا! **آئنده جمعرات ٻہ** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي ٻہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305